# تحریک

اپریل 2008ء



# تحريڪ


اپريل 2008ع پبليڪيشن

حيدرآباد

تحريڪ ست:

قادر رانتو

وشنو مل

اياز خاصخيلي

نور احمد ڪاتيار

گل حسن ڪوسو

ٽائيٽل:

الطاف خاصخيلي



لکپڑهه لاءِ ايڊريس:

تحريڪ پبليڪيشن حيدرآباد

عزيز منزل، حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

فون: 2783642 _022 فيڪس: 2728071 _022

Email: tahreek_2007@yahoo.com

www.geocities.com\tahreek_2007

www.atsindh.com


قيمت: 25 رپيا

## فهرست


| | |
|---|---|
| * پنهنجي پاران<br>ادارو | 2 |
| * نئين حڪومت ۽ عوامي مينڈيٽ جي احترام وارو سوال<br>رسول بخش پليجو | 3 |
| * ڇا ايم ڪيو ايم جمهوريت پسند پارٽي آهي؟<br>سريش | 8 |
| * هوڪا هٿندڙ حق پرستن جون حقيقتون<br>سعيد ڪلوئي | 9 |
| * ڪنڊ چڙهيل زهر جي گورڻ جهڙا اصطلاح<br>زاهده شيخ | 11 |
| * غير مشروط متحده<br>ارشاد لغاري | 13 |
| * تعليمي ادارن ۾ آڇپي جي علمبردارن جي غنڊا گردي<br>اياز سمون | 14 |
| * سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري ڏڪ<br>سيد عالم شاهه | 16 |
| * وزير اعظم سيد يوسف رضا گيلاني جي تقرير جو مڪمل متن | 19 |
| * ظالم ۽ مظلوم ۾ فرق ڪريو<br>رسول بخش پليجو | 24 |
| * دهشتگردي صرف هڪ بهانو آهي<br>اسلم گرداسپوري/ گل حسن ڪوسو | 25 |
| * سوري جنين سيج، مرڻ تنين مشاهدو<br>جواهر لال | 26 |
| * جڏهن جناح پڳت سنگهه جو دفاع ڪيو<br>ترجمو/ ايڊووڪيٽ غلام نبي ڪوسو | 27 |
| * آئون پارٽي ۾ ڪيئن شامل ٿيس؟<br>عبدالقادر چانديو ۽ عبدالسمع برڙو | 31 |
| *سنڌ جا سور (ڪهاڻي)<br>قادر رانتو | 32 |
| * رتنا (ڪهاڻي)<br>پرويز | 35 |
| * ڀڃاپي جو درد<br>غلام حيدر "بابل" خواجا | 37 |
| * رپورٽ ڪارنر | 40 |
| * خط، تنقيد ۽ رايا | 45 |
| * شاعري | 48 |

# ڪنڊ چڑهيل زهر جي گورين جهڙا اصطلاح

زاهده شيخ

**جڏهن** ڪان وٺي مون کي ايرو سپرو سياسي شعور آيو آهي، تڏهن کان اسان جي بادشاهن توڙي باشاهه گرن طرفان پاڪستان جي وجود جي بقا واسطي ڏاڍا خوبصورت قسم جا ۽ روز بروز نوان نڪورا، اصطلاح جڙندي ۽ سندن زبانن مبارڪن مان اڇاريندي ۽ بار بار ورجائجندي ٻڌندي رهي آهيان.

جڏهن ۽ منهنجي ملڪ جي مالڪن کي غريب عوام جي وات مان گراهه کسي وڏن وڏن جنرلن جي شان شوڪت کي چار چند لڳائڻا هوندا آهن ته "قومي سلامتيءَ" جو اصطلاح استعمال ڪري اسان جي فاقا ڪندڙ ماڻهن جي چهرن تي جذبهٔ حب الوطني کي چوڏهين جي چند وانگر چمڪايو ويندو آهي.

جڏهن اسان جي مقدرن جا مالڪ ننڍن صوبن جي تاريخي، قانوني، انساني ۽ آئيني حقن کي پائمال ڪندي وڏي صوبي جي ڪن ملڪ دشمن مفاد پرست حلقن جي مرضيءَ واريون پاليسيون جوڙيندا ۽ انهن تي عمل ڪندا آهن ته ملڪ جي عوام کان "قومي يڪجهتي" واري اصطلاح وسيلي هنبوچيون هڻائڻ جون ڪوششون ڪيون ويندين آهن.

جڏهن سامراج نواز پرڏيهي پاليسين وسيلي ملڪ جي عوام جو مقدر انسان دشمن سامراج جي لکيل توڙي اڻ لکيل حڪمن جي تابع ٻڌايو ويندو آهي ته اسان جي عوام جي نسن ۽ ملڪي مفادن وارو اصطلاح خون وانگر داخل ڪيو ويندو آهي.

جڏهن اسان جا حڪمران عالمي سامراج جي تابعداري ۾ جوڙيل ملڪ دشمن، غريب دشمن اقتصادي پاليسين سبب قرضن جو بار، اڃا ٿي فاقه ڪشيءَ ۾ مبتلا عوام مٿان ڪيرائيندا آهن ته "ملڪي استحڪام" جو اصطلاح ڪانئن دانهن ڪرڻ جي سگهه به ڪسي وٺندو آهي.

جڏهن دهشتگردن، قبائلي سردارن ۽ وڏيرن کي پنهنجون من مانيون ڪرڻ واسطي ڇڙواڳ ڇڏڻ لاءِ ڪين علائقا ورهائي ڏنا ويا ته "اقتدار جي هيٺين سطح تائين منتقلي" يا "انصاف جي گهر جي دروازي تي فراهمي" جهڙن اصطلاحن جا بورڊ لڳائي ماڻهن کي حيرت ۾ مبتلا ڪيو ويو.

جڏهن سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي سندن وطن اندر ئي وطن ۾ ٻڌائڻ واسطي خاص پاليسيون جوڙيون ويون ته "قومي پائيچاري" جي اصطلاح وسيلي سندن واتان ٻڙڪ به ٻاهر نڪرڻ کان روڪي، ڪين جنتن جا خواب ڏيکاريا ويا.

جڏهن ڪنهن آمر کي ملڪ جي سورنهن ڪروڙ عوام مٿان پنهنجي ذاتي شخصي ايجنڈا مڙهڻ جي ضرورت پئي ته "سپ کان پهرين پاڪستان" جو اصطلاح نڇندو، ڪڏندو، ٽينگ ٽپا ڏيندو عوام جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويندو.

هاڻي خيرن سان هڪڙو نئون نڪورو "قومي مفاهمت" جو اصطلاح متعارف ڪرايو ويو آهي. اسان غريبن جا ته ڏوهه به ڏڪن ٿا. خبر ناهي هي نئون اصطلاح اسان کان الائي ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون گهرندو. في الحال ته فقط اهو ٿيو آهي جو پهرين ڏڪ سان ئي سنڌي ماڻهن سان جيڪي به دهشتگرديءَ واريون ڪارروايون ٿيون، جيڪا به سندن جوان دهشتگرديءَ هٿان لقمهٔ اجل ٻڌيا، ساڻن جيڪي به بي رحميون ۽ بي دردييون دهشتگردن هٿان ٿيون، انهن سمورن جو حساب ڪتاب، نڪونج جي ڪُنَ ۾ ٻڌي ويو. ان جي عيوض جيڪو مليو سو اهو ته اهي ڪيس ختم ٿيا جن لاءِ چيو پيو وڃي ته 10، 12 سالن تائين مسلسل مخالف حڪومتون هوندي به ثابت نه ٿي سگهيا ۽ جن ڪيسن جي ايتري وقت گذرڻ کان پوءِ به ثابت نه ٿي سگهڻ ڪري هاڻي جڻ ته قانوني طور ايڏي ڪا حيثيت به نه رهي هئي.

هاڻي هي "قومي مفاهمت" اها ٿي آهي ته ان جي نئين چونڊيل وزير اعظم محترم يوسف رضا گيلاني صاحب کي مخالف ڌر به اعتماد جو ووٽ ڏيئي ملڪ جو پهريون اتفاقِ راءِ سان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪندڙ وزير اعظم ٻڌائي چڏيو آهي.

اسان خاص ڪري پاڪستان جي حڪمران طبقن جي سياست جو جيڪو ٻورو گهٽو مشاهدو ڪيو آهي ان جي آڌار تي اهو سمجهڻ ۾ ڪافي ڏکيائي پئي ٿي ته هي يڪراءِ اعتماد جو ووٽ ڪو بنا ڪنهن قيمت جي هوندو. اهو فڪر ان وقت اچان ٿو جڏهن اهڙا يڪراءِ قسم جا فيصلا اوچتو ئي اوچتو ٿيو وڃن. اسان کي فڪر ته سڄي پاڪستان جو آهي، پر بحيثيت سنڌيءَ جي اسان کي سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن جو آهي. اسان کي فڪر آهي ته ڪٿي قومي مفاهمت جي نالي ۾ گذريل 8 سالن ۾ جيڪي سنڌي عوام جي حقن تي راتاها هنيا ويا آهن، تن کي ملياميٽ ته ڪونه ڪيو ويندو. سنڌي ماڻهن جي هيڏي مٿڀيٽ جي ڪري سندن چونڊيل نمائندن ۾ امڪاني طرح جيڪا مڙسي ۽ جرئت ۽ احساس ذميوراي پئدا ٿي سگهي ٿي ان اڳيان اهي اتفاق راءِ وارن اعتمادن جا بند ته ڪونه پيا ٻڌا وڃن. ان قومي مفاهمت عيوض سنڌي ماڻهن جي حالت امير مينائي جي هن شعر واري ته ڪونه ڪئي ويندي!

ساري دنيا کي هين وه ميري سوا،
مين ني دنيا چوڙ دي جن کي لئي.

هڪ طرف مرڪز ۾ اهي اتفاق راءِ سان اعتماد جي ووٽ جا ساٿ ڏيڻ جا ڊراما پيا ڪيا وڃن ته ٻئي پاسي انهن ساڳين ڏرين طرفان سندن گورنر هٿان سنڌ ۾ روڪڻ باوجود پبلڪ سروس ڪميشن جو پنهنجي پسند جو چيئرمين مقرر ڪرڻ سميت ڪئين اهڙا قدم ڪنيا پيا وڃن، جن جي باري ۾ اهو سمجهيو پيو وڃي ته شايد اهي قدم سنڌي ماڻهن جي ڳري مٿڀيٽ سان ڪجهه ڏينهن اندر نئين ٺهندڙ سنڌ حڪومت لاءِ جاري رکي سگهڻ ڏکيا ٿيندا. بورڊ آف رويني جي تاريخي رڪارڊ کي باهيون ڏياري ساڙڻ جهڙيون ڪارروايون به جاري آهن ته ڪراچيءَ ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو عمل به تيزي سان جاري ڪيو ويو آهي. هڪ ئي وقت ڪمزوريءَ جون علامتون به ظاهر آهن ته ورنه.....!!! واريون ڏمڪين جون ڪارروايون ـ

عمل هيڪ آهن. اسين بادشاهه گر جي حسابن ڪتابن ۾ مصروف آهيون.

ننڍي هوندي ڏهليءَ جي ڏڳن جون ڪهاڻيون ٻڌندا هئاسون. هاڻي اهي ڏڳيون اسين پاڻ پوڳيون پيا. اڄان "قومي مفاهمت" جو اصطلاح مس هاڻي ٻڌيو آهي. اڃتي خبر ناهي ڇا ڇا ٿيڻو آهي. هن "قومي مفاهمت" جي خوبصورت ليبل هيٺ. هونئن به مارڪيٽ ۾ جيڪا شيءَ نئين ايندي آهي. اها پراڻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ واپار ڪندي آهي. هاڻي شايد "قومي يڪجهتي." "قومي استحڪام." "قومي مفاد." "قومي سلامتي." "قومي پائيي" وغيره جهڙن پراڻن اصطلاحن ۾ ايترو دم نه بچيو هجي جيترو هن نومولود "قومي مفاهمت" ۾ آهي.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي - پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سندس وزير اعظم لاءِ قومي اسيمبليءَ مان يڪراءِ اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري اتحادي پارٽين کي پيغام ڏنو آهي ته جيڪڏهن انهن ڪنهن طرح پريشان ڪيو ته اسان ووٽ حڪومت سازيءَ لاءِ ٻيا رستا به ڪليل آهن. ٽي سگهي ٿو ته ائين هجي به. پر منهنجو خيال آهي ته پيپلز پارٽي جي قيادت کي جنهن به ان قسم جو تاثر قائم ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. اهي ماڻهو اهڙا ئي هوندا جن لاءِ چوٽي آهي ته "بي عقل دوست کان داناءِ دشمن ڀلو." چاڪاڻ ته پي پي طرفان مسلم ليگ نواز کي ڇڏي متحده قومي موومينٽ ۽ مسلم ليگ (ق) جهڙين گذريل 10 سالن کان ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جو رت ست چوسنيدڙ ڏرين سان گڏجڻ جو رڳو تاثر به ڏيڻ وارو عمل هروپرو پي پي لاءِ ڪا بهتر راءِ جوڙڻ ۾ مددگار ثابت ڪونه ٿيندو. ماڻهو سمجهن ٿا ۽ ظاهر آهي ته حڪومت سازيءَ واري عمل ۾ اتحادي ڏرين جي تبديليءَ جو سبب ڪو آصف صاحب ۽ نواز شريف صاحب وچ ۾ ڪنهن راڄوٽي تڪرار جهڙو نه هوندو. پر ڪي اهم قسم جا ملڪي معاملا هوندا يا ڪن وزارتن جي قلمدانن جو مسئلو هوندو. اليڪٽرانڪ ميڊيا توڙي پرنٽ ميڊيا جي اڄ جهڙي دور ۾ جڏهن اختلافن جي سببن کي ڪجهه ڪلاڪن جي عرصي تائين به لڪائي سگهڻ تمام مشڪل ڪم آهي. تڏهن عوام اڳيان اهڙن اختلافي حقيقتن کي لڪائي سگهڻ نه پي پي لاءِ ممڪن هوندو ۽ نه مسلم ليگ (ن) لاءِ. گهٽي پاڳي هن وقت تائين جي ٽيل سياسي پيش قدمين مان اهو ئي نظر آيو آهي ته مسلم ليگ (ن) وارا پي پي جي مقابلي ۾ مشرف سرڪار جي پاليسين بابت وڌيڪ چٽو ۽ سخت موقف رکن ٿا ۽ مشرف سرڪار سڄي عرصي ۾ سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن کي جيڪي ڏنڀ ڏنا آهن. انهن جي پيش نظر. سنڌي ماڻهن ووٽ ته پلي پي پي کي ڏ آهن. پر مشرف جي پاليسين بابت انهن جو موقف پي پي ڪان وڌيڪ مسلم ليگ (ن) وارن جي ويجهو آهي. تنهن ڪري جڏهن پي پي مسلم ليگ (ن) جي بدران مشرف سرڪار جي پيل پاڻين سان گڏجندي ته پي پي جي يقيني ۽ خاص ووٽرن يعني سنڌي عوام جي به سندس باري ۾ ڇڳي راءِ قائم رهي نه سگهندي. ائين به ٽي سگهي ٿو ته ضروري ناهي ته اختلافن جو سبب هر حالت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي طرف جي غلطي ئي هجي. مسلم ليگ (ن) جي طرف جو ڪو غلط مطالبو به ٽي سگهي ٿو. پر ان صورت ۾ به ان قسم جو امڪان گهٽ نظر اچي ٿو ته صدر مشرف جي ساٿارين سان گڏجي حڪومت ڪرڻ لاءِ. انهن جي حمايت حاصل ڪرڻ جا لکل توڙي پڌرا شرط ۽ مطالبا ڪي عام طور ملڪي ۽ خاص طور سنڌي قوم جي مفادن لاءِ ڪي بهتر هوندا. وري ساڳئي ڳالهه ورجائي ويندي "قومي مفاهمت" جي نالي ۾ ڪي خاص رعايتي قسم جا پئڪجز تيار ڪيا ويندا ۽ انهن پئڪجز ۾ قرباني جو ٻڪرو ٻڏجڻ لاءِ سواءِ سنڌي قوم جي مفادن جي ٻيو ڪنهن کي به مجبور ڪري سگهڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي لاءِ ئي ڪونه هوندو.

اها سنڌي قوم جي بدنصيبي ئي رهي آهي ته هن گذريل چاليهن سالن کان وٺي اکيون بند ڪري جن جي حوالي پنهنجي قومي مفادن جي رکوالي واري ڪم جي ذميواري سونپي آهي. انهن سڀني رڳو ڪجهه ڏينهن جي اقتدار جي حصول خاطر سندن قومي مفادن کي قرباني جي اڏي ئي چاڙهيو آهي.

نه جاني ڪس لئي اميدوار بينا هون
ايڪ ايسي راهه پي جو تيري راهه گذر بهي نهين.

(فيض احمد فيض)

جن ڪلاشنڪوفن جي ڇانو هيٺ مئنڊيٽ حاصل ڪيو آهي اهي ڪراچي شهر ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ پنهنجي مئنڊيٽ جي احترام جي ڳالهه ڪرڻ مهل ڪڏهن سڌي نموني ته ڪڏهن اڻ سڌي نموني چون ٿا ته جيڪڏهن سندن مطالبا نه مڃيا ويا معنيٰ جيڪڏهن کين حڪومت ۾ شامل نه ڪيو ويو ته ڪراچي ۾ امن امان قائم رکڻ مشڪل ٿي پوندو. انهن کي به هاڻي اها ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته کين سنڌ جي دل ڪراچي شهر جي ماڻهن طرفان جيڪو ووٽ مليو آهي اهو ان ڪري نه مليو آهي ته توهان چٽيهه لکڻن کي هروپرو هر حالت ۾ حڪومت ۾ شامل ڪيو وڃي. پر ان ڪري مليو آهي ته جيڪڏهن انهن کين ووٽ نه ڏنو يا سندن مخالفن کي ووٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوءِ اهي چٽيهه لکٽا يا ته پولنگ اسٽيشنن تي ئي سندن ڪم پورو ڪري ڇڏيندا يا وري پولنگ اسٽيشن کان گهر پهچڻ تائين رستي ۾ ئي سندن ڏينگو ڏيري ڪري ڇڏيندا. تنهن ڪري اها ڳالهه روز روشن وانگر عيان آهي ته ڪراچي جي شهر کائنس پنهنجي جان جي ۽ مال جي امان وٺڻ لاءِ ۽ شهرين جي امن جي سلامتيءَ لاءِ هنن کي ووٽ ڏنو آهي ۽ ڪراچي جي شهرين کي هنن کان اها جان جي امان ۽ شهر جي امن جي سلامتي هر صورت ۾ ڪپي پوءِ اهي حڪومت ۾ هجن يا حڪومت ۾ نه هجن.

ڪراچي جي ماڻهن جي مئنڊيٽ جو احترام فقط ۽ فقط شهر جي سمورن ماڻهن جي زندگين ۽ مال جي امان وسيلي ئي ڪري سگهجي ٿو. ان احترام لاءِ حڪومت ۾ شامل هجڻ يا نه هجڻ جو ڪوبه واسطو ڪونهي.

چونڊون جمهوري عمل جو حصو آهن. دنيا جي سمورن ملڪن ۾ چونڊن وسيلي سياسي ڪان وڌيڪ سيٽون ڪٽي ايندڙ پارٽين جي ووٽر جي مئنڊيٽ جي احترام جي ڪابه توهين نه ٿيندي آهي. اها سادي ۽ سولي ڳالهه صدر پاڪستان مشرف صاحب طرفان نااهل هجڻ جو الزام سهندڙ سنڌي قوم جي بهراڙين جا عام اڻ پڙهيل ماڻهو به سمجهن ٿا. پر پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ ائڊوانس سمجهو ويندڙ شهر ڪراچي جي شهرين تي انهيءَ اهم ۽ عالمي ليول تي مڃيل ڳالهه کان ٻي خبر هجڻ جو الزام هٽندڙ مئنڊيٽين کي سوچڻ گهرجي ته ڪٽي هو مٿن ان قسم جي ٻي علمي جو الزام هٽي ڪراچيءَ جي شهرين جي توهين ته نه ڪري رهيا آهن!

# ويلڪم جوڊيشل بس.....ويلڪم

# دهشتگردن کي اقتدار ۾ پائيوار کرڻ نامنظور